# آسان سنڌي ڪتاب

## نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ،
ڄام شورو، سنڌ وٽ محفوظ آهن.
***
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، جو تيار ڪيل ۽ صوبائي نصاب ڪميٽي
بيورو آف ڪريڪيولم، سنڌ جي ليٽر نمبر **B.C/Ext. (Curr:)-4898**
تاريخ 11 جولائي 1977ع موجب سنڌ صوبي جي سيڪنڊري اسڪولن لاءِ
واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل آهي.

نگران اعليٰ: **آغا سهيل احمد**
چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

نگران: **اويس ڀٽو**

لکندڙ: **ڊاڪٽر سيد محمد صالح شاهه**

ايڊيٽر: **سيد امداد حسيني، ڊاڪٽر غلام علي الانا**
**اويس ڀٽو**

نظرثاني ڪاميٽي: **ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو،**
**سيد شير شاهه، ڊاڪٽر غلام علي الانا،**
**مس تاج بيگم، سيد امداد حسيني**

پروف ريڊر: **جمشيد احمد جوڻيجو**

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: **دانش ٻبر**

# فهرست

## نثر جو ڀاڱو


1. حجَّةُ الوداع وارو خطبو 7
2. حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنهُ 11
3. حضرت امام جعفر صادق عليه السلام 14
4. قائدِاعظم رحمة الله عليه جا ارشاد 17
5. اتحاد، تنظيم ۽ يقين محڪم 21
6. مولانا دين محمد وفائي 24
7. مائي خيري 29
8. هُنر دولت آهي 33
9. خط 36
10. بين الاقوامي عدالت 39
11. اجرڪ 43
12. ميرن جي درٻار 47
13. ڪينجهر ڍنڍ 51
14. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ 54

| | |
|---|---|
| 15. رَڏ پَچاءُ | 59 |
| 16. ٻہ تہ ٻارهن | 62 |
| 17. نصرپور | 66 |
| 18. جهڙو راڄ تهڙو ڀاڳ | 69 |

## نظم جو ڀاڱو

| | |
|---|---|
| 19. آهيون الف آسري، مُحمّد مجيوسون | 75 |
| 20. نيڪي | 77 |
| 21. دُعا | 79 |
| 22. سچل سرمست | 81 |
| 23. ڏيئو | 83 |
| 24. ٻہايون سُک جو ڪو سنسار | 96 |
| 25. پيارا وطن | 88 |
| 26. هاري | 90 |

يتيمن جي حقن جو ڪليل پڌرنامو هو. اُن ۾ پاڻ سڳورنﷺ مسلمانن کي توحيد جي امانت ۽ قرآن جي دستور کي ساهه سان سانڍي رکڻ جو تاڪيد فرمايو. هڪٻئي جي جانين، لَڄن ۽ ملڪيتن جي احترام رکڻ جي تلقين ڪيائون. ٻانهن سان شفقت، يتيمن سان مهرباني ۽ مسڪينن جي سنڀال ۽ عورتن سان عدل ۽ سندن حقن جي حرمت جو تاڪيد ڪيائون. سندن خطبي جون ڪي اهم ڳالهيون هي آهن:

* آءٌ اڄوڪي ڏينهن، جاهليت جي سمورين رسمن کي پنهنجن پيرن هيٺان لتاڙيان ٿو. الله تعاليٰ اوهان کان جاهليت جون گمراهيون دور ڪيون ۽ نسبي فخر ختم ڪري ڇڏيائين. مومن عزت وارو ۽ فاجر ذليل آهي. اڄ کان پوءِ عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ عجميءَ کي عربيءَ تي ڪابه فضيلت ڪانهي آهي. سڀ انسان، آدم جو اولاد آهن ۽ آدم کي مِٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو هو. هرڪو مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي ۽ سڀ مسلمان هڪ برادري آهن.

* اي انسانو! پنهنجي غلامن جو خيال رکو. جيڪي اوهين کائو، سو هنن کي کارايو ۽ جيڪي اوهان پَهريو، سوئي هنن کي پَهرايو.

* عورتن جي معاملي ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهو. عورتن تي اوهان جا ۽ هنن جا اوهان تي حقَ آهن. اوهان جون جانيون ۽ اوهان جا مال هڪٻئي تي اهڙيءَ طرح حرام ڪيا وڃن ٿا، جهڙيءَ طرح اڄوڪي ڏينهن هن شهر ۾ خون خرابي حرام ٿيل آهي.

* آءُ اوهان وٽ هڪ اهڙي شيءِ ڇڏي وڃي رهيو آهيان، جيڪڏهن اوهان ان کي مضبوطيءَ سان جهليندا ته ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندا. اهو آهي ”الله جو ڪتاب“.

* قرض ادا ڪيو وڃي. اُڌاري شيءِ واپس ڏني وڃي، ضامن قرض پري ڏيڻ لاءِ ٻڌل آهي.

* خبردار! متان مون کان پوءِ گمراهه ٿي وڃو ۽ هڪ ٻئي جون سِسيون لاهيندا رهو. اوهان کي الله ذوالجلال جي آڏو حاضر ٿيڻو آهي. اهو اوهان جي عملن بابت اوهان کان پُڇاڻو ڪندو. ڏوهاري پنهنجي ڏوهه لاءِ خود ذميوار آهي. پيءُ جي ڏوهه لاءِ پُٽ ۽ پُٽ جي ڏوهه لاءِ پيءُ ذميوار نه آهي. جيڪڏهن ڪو ٻنهه ڪارو ۽ شيدي شخص اوهان جو امير هجي ۽ اوهان کي الله تعاليٰ جي ڪتاب موافق هلائي ته ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪريو.

* پنهنجي خالق جي عبادت ڪريو، پنج وقت نماز پڙهو، رمضان جي مهيني ۾ روزا رکو ۽ ديني حڪمن جي اطاعت ڪريو ته جيئن الله تعاليٰ جي جنت ۾ داخل ٿي وڃو.

* مذهب ۾ انتها پسنديءَ کان بچندا رهجو، ڇاڪاڻ ته اوهان کان اڳيون قومون به انهيءَ ڪري ٿوليون ٿوليون ٿي تباهه ٿي ويون.

خطبي کان پوءِ نبي ڪريم صَلَّي الله عَلَيه وآلهِ وَسَلَّمَ جن ماڻهن کان پڇيو، ڇا مون اوهان تائين الله تعاليٰ جو پيغام پهچايو؟

ماڻهن جواب ڏنو ”ها، اي الله جا رسول، اوهان الله تعاليٰ جو پيغام اسان تائين پهچايو.“ اهو جواب ٻڌي پاڻ

فرمايائون " **اَللّٰهُمَّ اَشۡهَدۡ**" (يعني اي منهنجا مولا تون شاهد ٿجانءِ).

خطبي جي پڇاڙيءَ ۾ پاڻ سڳورنﷺ سيني مسلمانن کي الوداع چيو ۽ تاڪيد فرمايائون تہ "جيڪي شخص هتي موجود آهن، سي غير موجود ماڻهن تائين هي پيغام پهچائين."

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- پاڻ سڳورنﷺ آخري حج ڪهڙي هجري سن ۾ ڪرڻ فرمايو؟
2- هن حج کي "حجَّة الوداع" ڇو ٿو چيو وڃي؟
3- پاڻ سڳورنﷺ اسلامي برادريءَ بابت ڪهڙو ارشاد فرمايو؟
4- نبي ڪريمﷺ جن زالن، ٻارن، يتيمن ۽ مسڪينن واسطي ڪهڙيون نصيحتون ڪرڻ فرمايون؟

**(ب) هن سبق ۾ "پيرن هيٺان لتاڙڻ"، "پڇاڙو ٽيڻ" اصطلاح آهن. توهان ڪي بہ اهڙا ٽي اصطلاح ٻڌايو:**

**(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

ورندي – ٻانهن – پڌرنامو – لَڄُنِ – پڇاڙو – پڇاڙي.

**(د) هيٺين لفظن جا ضد ٻڌايو:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| اڏاري | | آقا | |
| عجمي | | انتها | |
| حرام | | پڇاڙي | |